# سنڌ آرڊيننس نمبرII مجريه1984

# SINDH ORDINANCENO.II OF 1984

# ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي آرڊيننس، 1984

# THE KARACHI FISHERIES HARBOUR AUTHORITY ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. هاربر ايراضي جو پڌرنامو

Declaration of Harbour area

4. اٿارٽي

Authority

5. انتظاميه

Management

6. بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

7. ميمبرن جي نااهلي

Disqualification of Members

8. چيئرمين ۽ نان آفيشل ميمبر ڪي فيس، الائونسز ۽ مراعتون

Fees, allowances and privileges to Chairman and non official member

9. مئنيجنگ ڊائريڪٽر

Managing Director

10.عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري

Appointment of Officers and advisors

11.مالياتي فني صلاحڪاري ڪميٽيز وغيره

Financial technical Advisory Committees etc

12.اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Authority

13.چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Chairman

14.مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Managing Director

15.بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

16.فنڊ

Fund

17.قرض

Loans

18.سوسائٽي جو حصو

Contribution of the Society

19.بجيٽ

Budget

20.اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Accounts and Audit

21.رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of dues

22.ڏنڊ

Penalty

23.ڏوهه جو ازالو

Cognizance of offence

24.ڪنهن ڄاري، ڄار، پڃري وغيره جي ضبطگي

Confiscation of any net, trap, cage, etc

25.اٿارٽي جي ڪمن ۽ ڪارروائين تي حڪومت جو ضابطو

Control of Government over acts and proceedings of the Authority

26.هدايتون ڏيڻ لاءِ حڪومت جو اختيار

Power of Government to give directions

27.ساليانو رپورٽ

Annual report

28.اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

29.سرڪاري ملازم

Public Servant

30.ڇوٽ

Indemnity

31.قاعدا

Rules

32.ضابطا

Regulations

33.اٿارٽي جو ٽٽڻ

Dissolution of the Authority

34.رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبرII مجريه1984

## SINDH ORDINANCENO.II OF 1984

# ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي آرڊيننس، 1984

## THE KARACHI FISHERIES HARBOUR AUTHORITY ORDINANCE, 1984

[9 مئي 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

**تمهيد** (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي قائم ڪرڻ مقصود آهي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

**وصفون**
Definitions

2.جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)"اٿارٽي" مطلب دفعہ 4 تحت قائم ڪيل ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي؛

(b)"بورڊ" مطلب دفعہ 6 تحت جوڙيل بورڊ؛
(c)"بجيٽ" اٿارٽي جي ڪمائي ۽ خرچ جو ساليانو آفيشل اسٽيٽمينٽ؛
(d)"چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛
(e)"مڇي" مطلب مڇي جو ڪو بہ قسم يا سامونڊي جانور بشمول ويلز، سيلز، پورپوائسز، ڪميون، شيل فش، شرمپس، آئسٽر، ڪرسٽيشنز، ايسيڊينز ۽ اسپان ۽ اهڙي مڇي جا آنا؛
(f)"مڇي مارڻ جي ٻيڙي" مطلب ڪنهن بہ سائيز ۽ طريقي جي مڇي مارڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻيڙي؛
(g)"مڇي جي صنعت" مطلب پڪڙڻ، ورهاست ۽ مڇي جي مارڪيٽنگ ۽ جنهن ۾ شامل آهي پروڊڪٽس ذريعي مڇي جي پروسيسنگ، مينوفيڪچرنگ ۽ نيڪال، مڇي جا ٻيڙا ۽ گيئرز ناهڻ؛
(h)"فنڊ" مطلب اٿارٽي جو فنڊ؛
(i)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(j)"مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب اٿارٽي جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛
(k)"ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر ۽ جنهن ۾ چيئرمين بہ شامل آهي؛
(l)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛
(m)"پروجيڪٽ" مطلب اي سي سي طرفان فنانسڊ ڪراچي فشريز هاربر جي بحالي جو پروجيڪٽ؛
(n)"ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛
(o)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛
(p)"اسڪيم" مطلب هن آرڊيننس تحت تيار ڪيل، شروع

ڪيل يا مڪمل ڪيل اسڪيم؛

(q)"سوسائٽي" مطلب ڪراچي فشرمين ڪو آپريٽو سوسائٽي.

## باب -II

## هاربر ايريا

## Chapter —II

## Harbour Area

هاربر ايراضي جو پڌرنامو
Declaration of Harbour area

3.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، ڪراچي پورٽ جي حدن جي اندر هن آرڊيننس جي مقصدن لاءِ ڪراچي فشريز هاربر جون حدون بيان ڪري سگهي ٿي ۽ وقت بوقت، ساڳئي قسم جي نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙين حدن کي تبديل ڪري سگهي ٿي.

(2)ذيلي دفعه (1) تحت بيان ڪيل حدن ۾ شامل ٿي سگهن ٿا ڪي به اشارا، عمارتون ۽ ٻيا ڪم جيڪي عوام لاءِ ٽريفڪ جي آمدرفت لاءِ ٺاهيا ويا هجن، ٻيڙين جي حفاظت لاءِ يا سڌاري، مرمت ۽ هاربر جي بهتر انتظام لاءِ ٺاهيا ويا هجن.

## باب -III

## اٿارٽي جو قيام ۽ بورڊ جي جوڙجڪ

## Chapter-III

## Establishment of the Authority and constitution of the Board

اٿارٽي
Authority

4.(1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اٿارٽي قائم ڪري سگهي ٿي، جنهن کي "ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي سڏيو ويندو"، جنهن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪيا ويندا.

(2)اٿارٽي باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ هن آرڊيننس جي گنجائشن

موجب ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3)اٿارٽي ڪراچي هاربر جي حدن اندر پنهنجي آفيس قائم ڪندي.

**انتظاميه**
Management

5.(1) اٿارٽي جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا معاملا بورڊ حوالي هوندا جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اهڙيون شيون ڪندو جيڪي اٿارٽي طرفان ڪيا وڃڻا هوندا.

(2) بورڊ پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي فشريز هاربر پلاننگ، تعميرات، آپريشن، مئنيجمينٽ ۽ مينٽيننس جي جوڳن اصولن تي عمل ڪندو ۽ پاليسيءَجي سوال تي حڪومت طرفان اهڙين هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي، جيئن وقت بوقت حڪومت ڏئي.

(3)جيڪڏهن ڪو سوال اٿي ته ڪو معاملو پاليسي جو معاملو آهي يا نه ته، حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

**بورڊ جي جوڙجڪ**
Constitution of the Board

6.(1)بورڊ مشتمل هوندو:

(i)حڪومت طرفان مقرر ڪيل چيئرمين؛

(ii)حڪومت طرفان مقرر ڪيل آفيشل ۽ نان آفيشل ميمبرز؛

(iii)سوسائٽي جا نامزد ڪيل جيڪي انگ ۾ ڇهه کان وڌيڪ نه هوندا:

بشرطيڪ ميمبرن جو انگ بشمول حڪومت طرفان مقرر ڪيل چيئرمين جي هميشه سوسائٽي جي نامزد ڪيلن جي انگ کان گهٽ هوندو.

(2)چيئرمين يا ميمبر، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي،

جيستائين حڪومت کي ليٽر لکي استعيفيٰ نہ ڏئي يا پهرين هٽايو نہ وڃي، ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو، بشرطيڪ استعيفيٰ تي تيستائين عمل نہ ٿيندو جيستائين حڪومت طرفان منظور نہ ڪئي وڃي.

(2)چيئرمين ڪنهن بہ ماڻهو کي ڪنهن خاص مقصد لاءِ ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو پر ان ماڻهو کي ووٽ جو اختيار نہ هوندو.

(4) پنهنجي عهدي جي مقصد لاءِ مقرر ڪيل سرڪاري ميمبر عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نہ رهندو.

(5)ڪو شخص جيڪو عهدي جو مدو پورو ٿيڻ تي چيئرمين يا اٿارٽي جو ميمبر نہ رهندو، اهو ٻيهر ٽن سالن جي مدي يا گهٽ مدي جيئن حڪومت طئي ڪري لاءِ اهل هوندو.

(6)حڪومت نوٽيڪيشن ذريعي ڪنهن نان آفيشل ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي، جنهن دفعہ 7 ۾ ڄاڻايل ڪا بہ نااهلي ڪئي هجي.

(7)چيئرمين يا نان آفيشل ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن موجب پري ويندي ۽ اهڙي آسامي تي مقرر ڪيل چيئرمين يا ميمبر رهيل مدي لاءِ عهدو سنڀاليندو.

(8)مئنيجنگ ڊائريڪٽر اٿارٽي جو ميمبر/سيڪريٽري هوندو.

ميمبرن جي نااهلي
Disqualification of Members

7.ڪو بہ شخص ميمبر نہ رهندو، جيڪو:

(a)آهي يا ڏيوالو قرار ڏنو ويو هجي؛

(b)آهي يا ذهني يا طبي طور معذور ٿي ويو هجي؛

(c)آهي يا غير اخلاقي ڏوهہ ۾ ملوث قرار ڏنو ويو هجي؛

(d)هن آرڊيننس جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ ڪم ڪيو

هجي يا ڪم ڪري رهيو هجي؛

(e)اٿارٽي جي ڪنهن پروجيڪٽ يا اسڪيم ۾ مالياتي مفاد هجي؛

(f)سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت اٿارٽي جي مفاد سان ٽڪراءَ ۾ ڪو مفاد هجي.

**چيئرمين ۽ نان آفيشل ميمبر کي فيس، الائونسز ۽ مراعتون**

Fees, allowances and privileges to Chairman and non official member

8.حڪومت چيئرمين ۽ نان آفيشل ميمبرن کي اهڙيون مراعتون، فيس، الائونسز يا ٻيون سهولتون ڏئي سگهي ٿي جيئن اها طئي ڪري.

**مئنيجنگ ڊائريڪٽر**

Managing Director

9.(1) حڪومت ڪنهن شخص کي مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ڪري سگهي ٿي جنهن کي اهڙي قابليت هجي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)مئنيجنگ ڊائريڪٽر اٿارٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ پروجيڪٽ جي اسڪيمن تي عملدرآمد ۽ مڪمل ڪرڻ ۽ اٿارٽي جي حڪمن جي پورائي جو ذميدار هوندو ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو، جيئن کيس سونپيا وڃن.

(3)حڪومت مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو:

(a)انڪار ڪري ٿو يا ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا هن آرڊيننس تحت ذميداريون نڀائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو؛

(b)مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور ٻيهڪ کي خراب ڪيو آهي؛

يا

(c)سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪنهن ملڪيت، اسڪيم، پروجيڪٽ يا اٿارٽي سان ڪنهن ٻئي لاڳاپي ۾ ڪو حصو يا مفاد حاصل ڪيو آهي يا حڪومت ڪان لکت اجازت ڪانسواءِ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

(4)مئنيجنگ ڊائريڪٽر اهڙي انتظامي قدم جو مستحق هوندو ۽ اهڙيءَ ريت جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري
Appointment of Officers and advisors

10.(1) اٿارٽي پنهنجي جوڳي ڪارڪردگيءَ لاءِ اهڙا صلاحڪار ۽ عملدار بشمول مئنيجر، ڊپٽي مئنيجر ۽ ٻئي اسٽاف جي جيڪي اهڙي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل، منسٽيريل يا سيڪريٽيريل قابليت ۽ تجربو رکندا هجن انهن کي مقرر ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)عملدار، ملازم ۽ اٿارٽي جو عملو اهڙي انتظامي قدم جو مستحق هوندو ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

مالياتي فني صلاحڪاري ڪميٽيز وغيره
Financial technical Advisory Committees etc

11.اٿارٽي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري سگهي ٿي:

(a)مالياتي، ٽيڪنيڪل يا صلاحڪاري ڪميٽيون جوڙڻ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(b)ڪو شخص يا شخصيتن جي باڊي کي پاڻ سان جوڙڻ جن جي مدد يا صلاح جي ان کي گهرج هجي اهڙين شرطن ۽ اهڙن ضابطن موجب ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيئن اها مناسب سمجهي.

## باب -IV

## اٿارٽي جا ڪم ۽ اختيار ۽ ان جون فنڪشنريز ۽ انهن جو

## ڪم ڪرڻ

Chapter —IV

Powers and Functions of the Authority and its Functionaries and their working

اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Authority

12.(1) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب اٿارٽي اهڙا اپاءَ وٺندي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندي جيڪي اها هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

(2)مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اٿارٽي ڪري سگهي ٿي:

(i)متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ، تحويل ۾ وٺڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(ii)ڪنهن ملڪيت جو نيڪال؛

(iii)هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ ڪا اسڪيم جوڙڻ ۽ لاڳو ڪرڻ؛

(iv)هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ حاصل ڪرڻ؛

(v)نيڪن ۾ داخل ٿيڻ ۽ پورا ڪرڻ؛

(vi)هاربر ايريا لاءِ گهربل تعميري ڪم جي منصوبابندي ڪرڻ، ڊزائيننگ ۽ نظرداري ڪرڻ؛

(vii)هاربر جي سهولتن جو موثر آپريشن ڪرڻ ۽ مرمت ڪرڻ ۽ هاربر جي عمارتن جي مرمت ڪرڻ، انسٽاليشنز، اندروني روڊ ٺاهڻ ۽ سامان مهيا ڪرڻ ۽ سمورين سهولتن جي وقتائتي جاچ ڪرائڻ، اهو يقيني بڻائڻ لاءِ تہ تحفظ ۽ حفظان صحت جي معيارن تي ڪم ڪيو پيو وڃي.

(viii)نجي فردن يا فرمز کي بوٽ بلڊنگ ياردس، فش انڊسٽري، فش پروسيسنگ انڊسٽري، آئيس پلانٽس،

ڪولڊ اسٽوريج سهولتن ۽ ٻين لاڳاپيل سرگرمين لاءِ زمينن جا پلاٽ فراهم ڪرڻ؛
(ix)ان جي جوڳي ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري سامان مهيا ڪرڻ؛
(x)نيويگيشنل چينلز لاءِ فش ليندنگ جيٽيز، برٿنگ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ ۽ انهن لاءِ چارجز ۽ بوٽ بيسن ايريا کي ترقي وٺرائڻ؛
(xi)مهاڻن، مڇي جي ڊيلرن، ٽرانسپورٽرز بشمول مڇي جي ٽرانسپورٽ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽرانسپورٽ جي رجسٽريشن، مڇي جي نيڪال ۽ هاربر ايريا ۾ ٻين سهولتون ۽ رجسٽريشن جي فيس جو طريقيڪار ۽ رجسٽريشن لاءِ شرط؛
(xii)اهڙو قدم کڻڻ جيڪو ضروري هجي يا ان جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فائديمند هجي.

**چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم**
Powers and functions of the Chairman

13.چيئرمين اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا ڪم ڪندو جيڪي ڪيس هن آرڊيننس طرفان يا تحت سونپيا ويا هجن.

**مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا اختيار ۽ ڪم**
Powers and functions of the Managing Director

14.هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن ۽ چيئرمين جي عام ضابطي موجب، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪري سگهندو:
(a)موثر ضابطو رکڻ ۽ اٿارٽي جي روز مره جي معاملن جو سٺي نموني هلڻ لاءِ ذميدار هئڻ؛
(b)مالياتي ۽ اٿارٽي جي سمورن ايگزيڪيوٽو انتظامن جي نظرداري ڪرڻ ۽ سونپيل سموريون ذميداريون سرانجام ڏيڻ ۽ هن آرڊيننس تحت سونپيل يا حوالي ڪيم سمورن اختيارن کي استعمال ڪرڻ؛

(c)ذميدار هئڻ ۽ ضروري نظرداري جي اٿارٽي هئڻ ۽ اٿارٽي جي حڪمن ۽ اسڪيمن تي بهتر ۽ موثر نموني عملدرآمد ڪرڻ؛

(d)اٿارٽي جي عملدارن تي انتظامي ضابطو هلائڻ جو اختيار هوندو.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

15.(1) بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت، اهڙي وقت ۽ اهڙن هنڌن تي ڪوٺايون وينديون، جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا جوڙيا وڃن، بورڊ جي گڏجاڻيءَ چيئرمين جي صدارت هيٺ ڪوٺائي ويندي.

(2)ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي تي بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم جوڙيندا.

(3)ڪو معاملو جيڪو بورڊ طرفان طئي ٿيڻو هوندو، اهو بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ اڪثريت جي ووٽ ذريعي يا اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبرن ذريعي طئي ڪيو ويندو.

(4)هر ميمبر کي هڪ ووٽ حاصل هوندو ۽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾، چيئرمين کي ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو.

## باب -IV

## ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

## Chapter- IV

## Finance, Audit and Accounts

فنڊ
Fund

16. (1) اٿارٽي جو الڳ فنڊ هوندو، جنهن کي ڪراچي هاربر اٿارٽي فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

(a)حڪومت کان مليل گرانٽس ۽ سبسڊي؛

(b)اٿارٽي طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛
(c)هن آرڊيننس تحت فراهم ڪيل خدمتن لاءِ فيس، ڪميشنز ۽ ٻيون چارجز؛ ۽
(d)اٿارٽي طرفان حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيون سموريون رقمون.

**قرض**
Loans

17. اٿارٽي اڳواٽ منظوري سان ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيڪي حڪومت طرفان منظور ڪيا ويا هجن بئنڪن يا ٻين ذريعن کان هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قرض کڻي سگهي ٿي.

**سوسائٽي جو حصو**
Contribution of the Society

18.(1) سوسائٽي اٿارٽي کي سالیانو اهڙي رقم ادا ڪندي جيڪا گڏيل طور تي اٿارٽي ۽ سوسائٽي وچ ۾ طئي ڪئي وئي هجي.
(2)سوسائٽي اٿارٽي طرفان حاصل ڪيل رقم سوسائٽي جي ترقي يا ان جي ڪنهن اسڪيم جي سلسلي ۾ ٻيهر پڻ ادا ڪندي.
(3)فنڊ ۾ جمع ڪرايل رقمون حڪومت طرفان منظور ڪيل بئنڪ ۾ جمع ڪرايون وينديون.
(4)اٿارٽي پنهنجا فنڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ٻي ڪنهن سڪيورٽي ۾ سيڙائي سگهي ٿي.

**بجيٽ**
Budget

19.اٿارٽي جي سالیاني بجيٽ اهڙيءَ ريت تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

**اڪائونٽس ۽ آڊٽ**
Accounts and Audit

20.(1) اٿارٽي پنهنجا اڪائونٽس ۽ رڪارڊز اهڙيءَ ريت تيار ڪندي ۽ اهڙي طريقي رکندي جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.
(2)اٿارٽي منافعو ۽ نقصان ڏيڪاريندڙ سالیاني بئلنس شيٽ تيار ڪندي ۽ تيار ڪرڻ جو سبب ٻڌجندي.

(3)اٿارٽي جا اڪائونٽس هر مالي سال دوران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو چارٽرڊ اڪائونٽنٽس جي فرم طرفان اهڙي ادائگي تي آڊٽ ڪيا ويندا جيڪا حڪومت طرفان منظور ڪئي وئي هجي.

(4)ذيلي دفعه (3) تحت آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو حتمي اسٽيٽمينٽ آڊيٽرز جي رپورٽن سميت هر مالي سال جي ختم ٿيڻ جي ڇئن مهينن اندر حڪومت کي پيش ڪيو ويندو.

رهتن جي اوڳاڙي
Recovery of dues

21.اٿارٽي ڏانهن ڪنهن به شخص جون سموريون رهتون ليند روينيو جي رهتن طور اوڳاڙي لائق هونديون.

باب -IV

ڏوهه ۽ انهن جو ازالو

Chapter-IV

Offences and their Cognizance

ڏنڊ
Penalty

22.(1) جيڪو هن هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪندو اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪا ٻارنهن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2) جيڪو به هن آرڊيننس تحت جوڙيل ڪن قاعدن يا ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪا هڪ مهيني کان وڌيڪ نه هوندي يا ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو يا ٻئي گڏ.

(3)جتي ڪو شخص هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش يا قاع.دن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ڪا ڪمپني يا ٻي ڪا باڊي ڪارپوريٽ آهي، ڊائريڪٽر، مئنيجر، سيڪريٽري يا ٻيو عملدار يا ان سلسلي ۾ ايجنٽ، جيستائين اهو ثابت ڪري ته ڀڃڪڙي ان جي ڄاڻ ڪانسواءِ ڪئي وئي يا

اهڙي پيچڪڙي لڪائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وئي، اهڙي پيچڪڙي لاءِ ڏوهي سمجهيو ويندو.

(4)جيڪو هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش، قاعدن يا ضابطن جي پيچڪڙي جي ڪوشش ڪري ٿو يا پيچڪڙي ۾ مدد ڪري ٿو، ان کي اهڙين گنجائشن جي پيچڪڙي سمجهيو ويندو.

ڏوهه جو ازالو
Cognizance of offence

23.(1)ڪا بہ عدالت هن آرڊيننس تحت ڪنهن ڏوهه تي قدم نہ کڻندي جيستائين چيئرمين يا سندس طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

(2)فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ کان گهٽ ڪا عدالت هن آرڊيننس ۽ ان تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن تحت ڪنهن ڏوهه تي قدم کڻڻ جي مجاز نہ هوندي.

ڪنهن چاري، چارو، پيچري وغيره جي ضبطگي
Confiscation of any net, trap, cage, etc

24.عدالت ڪنهن چاري، چارو، پيچري يا ٻي ڪنهن رڪاوٽ يا انجڻ جيڪا هن آرڊيننس تحت پيچڪڙيءَ ۾ استعمال ڪئي وڃي ان جي ضبطگي جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

## باب -VII
## متفرقات
## Chapter-VII
## Miscellaneous

اثارٽي جي ڪمن ۽ ڪارروائين تي حڪومت جو ضابطو
Control of Government over acts and

25.اثارٽي جا سمورا قدم ۽ ڪارروايون حڪومت جي ضابطي هيٺ هوندا ۽ حڪومت اهڙي ڪنهن قدم کي معطل يا تبديل ڪري سگهي ٿي.

proceedings of the Authority

**هدايتون ڏيڻ لاءِ حڪومت جو اختيار**
Power of Government to give directions

26.(1) حڪومت اٿارٽي کان ڪنهن دستاويز، ريٽرنس، اسٽيٽمينٽ، اسٽيٽڪس يا ڪنهن ٻي معلومات ڪنهن به معاملي بابت، جيڪو اٿارٽي جي ضابطي هيٺ هجي طلب ڪري سگهي ٿي ۽ اٿارٽي اهڙي درخواست تي عمل ڪندي.

(2)حڪومت وقت به وقت اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي جيڪي اٿارٽي جي رهنمائي ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

**ساليانی رپورٽ**
Annual report

27.اٿارٽي هر مالي سال کان فوري پوءِ ان سال جي معاملن بابت حڪومت کي ساليانی رپورٽ پيش ڪندي.

**اختيارن جي منتقلي**
Delegation of powers

28.(1) اٿارٽي عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين حالتن موجب جيئن اها چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ميمبر يا ان جي عملدار يا ملازم کي پنهنجي اختيارن، ذميدارين يا هن آرڊيننس تحت ڪمن يا ان سلسلي ۾ قاعدن ۽ ضابطن موجب ڪمن مان ڪي به مڙهي، منتقل ڪري سگهي ٿي.

(2)چيئرمين يا مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪنهن عملدار يا اٿارٽي جي ملازم کي هن آرڊيننس يا قاعدن يا ضابطن تحت سونپيل پنهنجا ڪي اختيار، ذميداريون يا ڪم هن آرڊيننس، ان تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن تحت سونپي سگهي ٿو.

**سرڪاري ملازم**
Public Servant

29.چيئرمين، ميمبر، عملدار ۽ اٿارٽي جا ملازم، جڏهن هن آرڊيننس، قاعدن يا ضابطن تحت ڪم ڪري رهيا هوندا، اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

| | |
|---|---|
| 30.ڪو بہ مقدمو، ڪيس يا ٻي ڪا ڪارروائي، حڪومت، اٿارٽي، چيئرمين، ميمبر يا مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا اٿارٽي جي ڪنهن عملدار خلاف نہ ٿيندي جيڪڏهن هن آرڊيننس، قاعدن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل ضابطن تحت سٺي نيت سان ڪجهہ ڪيو ويو هجي يا ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو هجي. | **چوٽ**<br>Indemnity |
| 31.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | **قاعدا**<br>Rules |
| 32.(1)هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، اٿارٽي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.<br>(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪن ٿا:<br>(i)بورڊ جون گڏجاڻيون؛<br>(ii)بورڊ جو ڪاروهنوار؛<br>(iii)ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بشمول عملدارن، صلاحڪارن ۽ اٿارٽي جي عملي جي انتظامي معاملن جي، سواءِ مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي؛<br>(iv)مالياتي، فني ۽ صلاحڪاري ڪميٽين جي جوڙجڪ؛<br>(v)مالي وهنوار جي ڏي وٺ؛<br>(vi)هاربر ايريا جو انتظام ۽ ضابطو بشمول نيويگيشنل چينل، فش لينڊنگ جيٽيز، بوٽ بيسن ايريا، برٿنگ سهولتن جي؛<br>(vii)مهاڻن، مڇي جي ڊيلرز، ٽرانسپورٽرز، مزدورن بشمول مڇي جي ڪٽڻ ۽ ٽرانسپورٽ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽرانسپورٽ جي رجسٽريشن ۽ ان سلسلي ۾ فيس؛<br>(viii)مڇي ۽ ٻئي سامان جي لينڊنگ ۽ نيڪال ۽ ان | **ضابطا**<br>Regulations |

سلسلي ۾ فيس؛
(ix)چارجز جو اسڪيل جيڪو لاڳو ٿيندو:
(a)يوٽيلٽي خدمتن، سهولتن يا اٿارٽي طرفان هاربر ايريا ۾ احاطي جو استعمال؛
(b)آپريشن، مرمت، مينٽيننس، اپ ڪيپ ۽ هاربر ايريا جي موثر سار سنڀال ۽ ضابطو؛
(x)چارجز يا فيس جي اوڳاڙي جيڪا اٿارٽي ڏانهن واجب هوندي؛
(xi)ڪو معاملو جيڪو هن آرڊيننس تحت بيان ڪيو وڃڻو هوندو.

**اٿارٽي جو ٽٽڻ**
Dissolution of the Authority

33.(1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اعلان ڪري سگهي ٿي تہ اٿارٽي اهڙي تاريخ تي تحليل ڪئي ويندي جيئن ان نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ اٿارٽي اهڙيءَ ريت تحليل ٿي ويندي.
(2)ڄاڻايل تاريخ تي ۽ ان کانپوءِ:
(i)سموريون ملڪيتون، فنڊز ۽ حڪومت طرفان اٿارٽي جي نيڪال تي رکيل رهتون حڪومت ڏانهن واپس ٿي وينديون؛
(ii)سموريون ملڪيتون، فنڊز ۽ رهتون مٿا سٽا ڪيون ويون هجن، حاصل ڪيون ويون هجن، يا ٻي صورت ۾ ملڪيتن، فنڊز ۽ شق (i) ۾ ڄاڻايل رهتن ڏانهن منسوب هونديون، جيڪي ڄاڻايل تاريخ کان فوري اڳ، اٿارٽي طرفان رکيل هيون يا اوڳاڙي لائق هيون، حڪومت ڏانهن واپس ٿي وينديون ۽ حڪومت طرفان اوڳاڙي لائق هونديون يا ڪو شخص يا اٿارٽي جيئن اها ان سلسلي ۾ مقرر ڪري؛
(iii)سموريون ملڪيتون، فنڊز ۽ رهتون، سواءِ انهن جي،

جيڪي شق (i) ۾ ڄاڻايل هجن، جيڪي ڄاڻايل تاريخ کان فوري اڳ اٿارٽي وٽ هيون يا اٿارٽي طرفان اوڳاڙي لائق هيون اهي حڪومت ڏانهن يا حڪومت طرفان اوڳاڙي لائق ٿي وينديون؛

(iv)سموريون ذميداريون، جيڪي ڄاڻايل تاريخ کان فوري اڳ اٿارٽي تي لاڳو ڪرڻ لائق هيون اهي حڪومت جي ذميداريون هونديون؛

(v)هن آرڊيننس تحت منظور ڪيل ڪنهن هلندڙ اسڪيم جي مڪمل ڪرڻ جي مقصد لاءِ، ۽ ملڪيتن، فنڊز ۽ شق (i) ۽ (ii) ۾ ڄاڻايل رهتن جي بازيابي لاءِ هن آرڊيننس تحت اٿارٽي ۽ چيئرمين جا ڪم حڪومت طرفان يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان سنڀاليا ويندا.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

34.جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪنهن به گنجائش کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي، حڪومت اهڙي رڪاوٽ هٽائڻ جي مقصد لاءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي جيڪو اها ضروري يا لازمي سمجهي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**